ILRI
INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE
CGIAR
SAGP

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونيٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:01**

## اوڳر ڪندڙجانورن ۾ خوراڪ جو هضم ٿيڻ

توسيعي مواد ڪير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

### هاضمي جو سرشتو:

ڳئون جو تعلق جانورن جي ان قسم سان آهي جيڪي اوڳر ڪندا آهن ان جانورن جو معدو چار مختلف حصن تي مشتمل هوندو آهي جيڪي چاري کان غذائي جزا حاصل ڪرڻ ۾ استعمال ٿيندا آهن انهن جانورن جو معدو هيٺ ڏنل چار حصن تي مشتمل آهن.

چوٿون معدو (Abomasum) ئي اصل معدي جي طور تي عمل ڪندو آهي.




*Parts of the digestive tract*

۽ ان جي پيٽ اوڳر نہ ڪرڻ وارن جانورن جي معدي سان ڪري سگهجي ٿي. معدي جا باقي ٽي حصا معدي جو پهريون حصو ناهن ٽا جيڪو چوٿين معدي (Abomasum) کان پهريان اچن ٿا.

### (٢) ٻيو معدو:

انجي جوڙجڪ ٽيلهي نما آهي جنهن جيسوٽي ڏاڳي نما جي ترتيب ماکي جي ماناري وانگر آهي. وڏي ۽ ٻئي معدي جي درميان هڪ ننڍي جهلي هوندي آهي پر حقيقت ۾ اهي ٻئي حصا الڳ الڳ نہ آهن. اجتماعي طور تي ان ٻنهي حصن کي ريومينو- ريٽيڪيولم (Rumeno-reticulum) چوندا آهن.

### (٣) ٽيون معدو:

ان حصي جي جوڙ جڪ گول (بال نما) آهي جنهن ۾ جوڙ جڪ جا تهہ ڪتاب جي ورق/پنن جي طرح هوندا آهن. ان حصي ۾ خوراڪ مان پاڻي ۽ ٻيا جزا جذب ٿيندا آهن.

### (٤) چوٿون معدو:

اوڳر ڪرڻ وارن جانورن جي معدي ۾ هي اصل معدي جي طور تي ڪم ڪندو آهي. جنهن ۾ غدودي تهہ ٿيندا آهن. هي حصو خوراڪ کي ٽوڙڻ جي لاءِ لوڻ جو تيزاب ۽ غذائي خامرہ خارج ڪندو آهي. هن جي پيٽ اوڳر نہ ڪرڻ رطوبت وارن جانورن جي معدي سان ڪري سگهجي ٿي.

### ننڍو آندو (Small intestine):

ننڍي آنڊي جي ڊيگهہ ٤٠ ميٽر ۽ هي ٽن حصن ڊيوڊينم (Duodemum) (ننڍي آنڊي جو پهريون حصو) جيجونم (Jejunum) ۽ ايليم (Ileum) تي مشتمل هوندا آهن. پتي (Gall Bladder) ۽ لبلبي (Pancreas) مان خارج ٿيڻ واري رطوبت ننڍي آنڊي ۾ هاضمي جي عمل کي تيزڪندي آهي.

ننڍي آنڊي ۾ هاضمي جو عمل تقريباً مڪمل ٿي ويندو آهي. ان جي اندروني سطح تي موجود ولائي (آڱر نما ساخت) سادي غذائي جزن کي جذب ڪرڻ دوران رت ۽ نظام اعصابي ۾ شامل ڪندو آهي.

### سيڪم (Caecum) وڏي آنڊي جو حصو

سيڪم ننڍي ۽ وڏي آنڊي جي وچ ۾ وڏي حصي تي مشتمل آهي هتي پهريان کان غير هضم ريشا وڌيڪ ننڍن حصن ۾ ٽٽندا آهن..




### وڏو آندو (Large Intestine):

هي هاضمي جو سرشتو جي وڏي حصي تي مشتمل آهي. ۽ هن جو اصل ڪم پاڻي کي جذب ڪرڻ آهي ۽ غير هضم شده خوراڪ کي خارج ڪندو آهي.

### هاضمي جو عمل:

خوردبيني جاندار:

بيڪٽيريا ۽ پروٽوزوئا وڏي معدي (Rumen) جي اندر ڪروڙن جي تعداد ۾ هن ريت موجود هوندا آهن. هي هاضمي جو عمل شروع ڪندا آهن.

نشاستي وارين غذائن کي (مثال طور کنڊ، نشاستي،سيليولوز) کي غير مستحڪم فيٽي ايسڊز (VFAs) ۾ تبديل ڪندو آهي.

WORLD BANK
World Bank Assisted

پروٽين کي صرف امائنو ايسڊ پر امونيا، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ غير مستحڪم فيٽي ايسڊ ۾ تبديل ڪندا آهن.

هي نئين امائنو ايسڊ (لازمي ۽ غير لازمي) کي ٺاهڻ تائين ۽ پنهنجو تعداد وڌائي وڌيڪ پروٽين جي فراهمي کي يقيني بڻائن ٿا.

۽ خوردبيني جاندار ۾ پروٽين ٿيندا آهن انهن جانورن جي وڌيڪ تعداد ۾ پروٽين نهندي آهي. ان پروٽين ۾ ٻنهي قسمن جي (لازمي ۽ غير لازمي) امائنو ايسڊ جاندار کي ملندي آهي.

خوردبيني جاندار بي گروپ جي وٽامن بہ ناهيندا آهن جنهن کي اوڳر ڪرڻ وارا جانور پنهنجي غذائي ضروريات پوري ڪرڻ لاءِ جذب ۽ استعمال ڪندا آهن. اوڳر وارن جانورن جي هاضمي جو سرشتو هي آهن. آساني سان زياده ريشيدار غذائون هضم تي غير مستحڪم فيٽي ايسڊز ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. جنهن کي جانور بعد ۾ توانائي جي ذريعي جي طور تي استعمال ڪندا آهن.

لازمي مائنو ايسڊ (يا پروٽين جيڪا چوٿين معدي تئي ڪري مائنو ايسڊ ۾ تبديل ٿيندا آهن) غير پروٽين نائٽروجن ذريعي مثال طور پيشاب ۽ بي پروٽين جنهن ۾ لازمي امائنو ايسڊ نہ هوندي جي مدد سان نهن ٿا.

هي لازمي امائنو ايسڊز جسم جي اندر پروٽين (لحميات) ناهڻ ۽ توانائي حاصل ڪرڻ جي ذريعي جي طور تي استعمال ٿيندا آهن.

ڪاڏيءَ سيلولوز جي هاضمي جي ڪمي کي روڪڻ لاءِ وڏو معدي جي پي ايچ زياده دير تائين ڇهہ کان گهٽ نہ رهڻ گهرجي.

طاقتور ڪاڏو (Concentrate) گهٽي مقدار ۾ ڪائڻ سان هن مسئلي جي پيدا ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن طاقتور غذا جي گهٽ استعمال ڪرڻ سان هن مسئلي جي شدت گهٽ ٿي ويندي آهي.




***Rumen microbes synthesize vitamins of the B complex, vitamin C and K***

## توانائي حاصل ڪرڻ جو عمل:

اوڳر ڪرڻ وارا جانور پنهنجي توانائي جي 70% سيڪڙو ضرورت وڏي معدي ۾ پيدا ٿيڻ وارن غير مستحڪم فيٽي ايسڊز مان حاصل ڪندا آهن. غير مستحڪم فيٽي ايسڊز معدي ۾ پيدا ٿيڻ وارا تيزاب تقريبن 95% سيڪڙو ٿيندا آهن. عام طور تي 65% سيڪڙو ايسٽڪ ايسڊ، 20% سيڪڙو پروپيئونڪ ايسڊز ۽ 15% سيڪڙو بيوٽائرڪ ايسڊ تي مشتمل آهي.




ريشي واري نشاستي واري غذا وڌيڪ ايسٽيٽ

کير ۾ وڌيڪ سٽپ ۽ کير جي گهٽ پيداوار.

غير ريشي واري نشاستدار غذا

گهٽو پروپائيونيٽ گهٽو کير ۽ گهٽ سٽپ




## پروٽين حاصل ڪرڻ جو عمل:

خوراڪ ۾ موجود پروٽين کي ٽوڙڻ جو عمل گهٽو ڪري وڏي معدي ۾ ٿيندو آهي.

غير پروٽين نائٽروجن (يوريا) امونيا ۾ تبديل ٿي ڪري بيڪٽيريا جي مدد سان خوردبيني پروٽين ناهيندي آهي.

هن عمل جي لاءِ آساني سان حاصل ٿيڻ واري نشاستي (جيئن تہ يوريا، شيري جي بلاڪ جي اندر شيرو) جي ضرورت ٿيندي آهي. هي خوردبيني پروٽين ننڍي آنڊي جي اندر هضم ٿي ڪري جسم جو حصو ٿي ويندي آهي.

ILRI INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE

CGIAR

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونيٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:02**

توسيعي مواد ڪير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

## تازن ڄاول ڳابن جي سنڀال

تازن ڄاول ڳابن جي بهتر طريقي سان سنڀال ڪرڻ جي عمل ۾ مثلاً بهتر خوراڪ، اٿي ويهڻ جي جاءِ صاف سٿري، بيمارين کان بچاءُ ۽ باقاعده سان روزانو مشاهدو ڪرڻ شامل آهي.

هن توسيعي مواد ۾ تندرست ڳابن جي پيدائش کان وٺي ڪير ڇڏرائڻ جي عرصي تائين پرورش/سنڀال جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي.

**Remember!!!**
**Calf today is your Cow tomorrow!**




(ياد رکو اڄ جو ٻڇڙو سڀاڻي جي ڳئون آهي)

پيدائش جي پهرين ڪلاڪ اندر:

پيدائش کان بعد ان حقيقت کي يقيني بڻايو ته ڳابو ساهه کڻي رهيو آهي. ساهه کڻڻ ۾ ڪا پريشاني ته نه آهي جڏهن پيدائش ۾ مشڪل پيش اچي. ۽ پيدائش کان پوءِ ڳابو جلدي ساهه نه کڻي ته ڳابي جي وات ۽ نڪ جي رطوبت صاف ڪيو. ڳابي کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن ان جي مٿو باقي جسم کان هيٺ هجي يا پوئين ٽنگن کان کڻي ڪري ڪجهه وقت هيٺ مٿي ڪريو ته جيئن وات ۽ نڪ جي رطوبت نڪري وڃي ساهه کڻڻ جو عمل شروع ڪرڻ لاءِ ڳابن جي نڪ تي هٿن سان مهٽڻ ڪرڻ يا ان جي مٿي تي ٿڌو پاڻي به هاري سگهجي ٿو.

دن جي صفائي: جڏهن ساهه کڻڻ جو عمل بهتر ٿي وڃي ته ڳابن کي بيماري کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي دن کي صاف ڪيو وڃي مثال طور (Navel-Joint-ill) هڪ بيماري آهي جيڪا دن جي گندگي جي ڪارڻ پيدا ٿيندي آهي.

دن جي صفائي تيستائين ڪريو جيستائين هي خشڪ نه ٿي وڃي ان ۾ تقريباً (10) ڏينهن لڳندا.

آيوڊين جو ڪمزور محلول (10-7 سيڪڙو) ڪليل منهن واري ٿانوءَ ۾ وجهي ڪري دن ان ۾ ٻوڙيو.

### بيمار ڳابي جي سڃاڻپ (How to recognize a sick calf)

ڳابي جو باقاعده سان مشاهدي ۾ ڪجهه اهم ڳالهين جو خيال رکو.

- ☆ بيمار ڳابي جو نڪ هميشه خشڪ هوندو آهي ۽ جسم جي درجہ حرارت گهٽو هوندو آهي.
- ☆ ڳابي جي ساهه کڻڻ جي عمل کي غور سان ڏسو ۽ ڏسو ته ساهه کڻڻ ۾ ڪا پريشاني ته نه آهي.
- ☆ ڳابي جي پڇ کي ڏسو ته ان تي رت/ڇيٽو ته نه آهي.
- ☆ ان جي ٽنگن ۽ پيرن کي ڏسو. پهريان7 کان 10 ڏينهن جي عمر تائين ان جي دن تي سوڄ جي علامت يا سوڄ جي معائنو ڪريو.

### ڳابي کي خشڪ ڪرڻ (Dry the Calf)

تيز هوا واري ماحول ۾ آلي ڳابي کي جلدي سردي يا بيماري لڳي سگهي ٿي. پيدائش جي وقت صاف سڪل گاهه کي صفائي جي لاءِ استعمال ڪري سگهو ٿا.

### ڳابي جي سڃاڻپ ڪرڻ (Identify the Calf)

نئين ڄاول ڳابن جي سڃاڻپ جو مستقل طريقو اپنايو پيدائش جو رڪارڊ مستقل بنيادن تي سٺي طريقي سان رکو. ۽ هر هڪ جي سڃاڻپ جي لاءِ هيٺ ڏنل طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن.

- ☆ پلاسٽڪ ٽيگ ڪنن ۾ لڳائڻ.
- ☆ ڳچي ۾ هار پارائڻ جنهن تي نمبر لکيل هجن.
- ☆ جسم کي ٿڌي طريقي نشان ڪرڻ

World Bank Assisted

ILRI INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE

CGIAR

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونينٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:03**

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

## گابي جي سنڀال

گهٽي قدر جوان گابي کي (Heifer) چوندا آهن پر صحيح معني ۾ جڏهن مادي گابي کان کير ڇڏرايو وڃي ته ان کي (Heifers) چيو ويندو آهي. گابن جي سنڀال کير جو فارم جي انتظامي معاملن جو تمام اهم حصو آهي. اڄ جي گابي سڀاڻي جي ڳئون هوندي آهي ٻئي معني ۾ گابيون ڳئون ٿي ڪري زميندارن جي لاءِ آمدن ۽ دولت جو ذريعو بڻجن ٿيون.

☆ جانور پالڻ وارا هاري جنهن مادي گابيون نه پاليون هجن انهن کي پنهجون ضرورتون مادي گابيون خريد ڪري پوريون ڪرڻيون پونديون آهن نئي خريد ڪرڻ واريون گابيون موروثي طور تي پراڻي ڳئن جي نسبت سٺي نسل جون هونديون آهن پر انهن جي ڪابه ضمانت نه ٿي ڏئي سگهجي ڇو جو خريد ٿيل گابين جي صحت جي گهٽي تعداد ۾ خبر نه هوندي آهي ۽ اهي واڙي ۾ نئي بيمارين جو سبب بڻجي سگهجن ٿيون.

گابيون پالڻ ۾ مختلف شيون شامل هونديون آهن مثال طور جوان گابين جي سنڀال ضروري آهي ڇو جو ڳئون جي کير جو دارومدار ڳئون جي (ٻچي) گابين پيدا ڪرڻ جي تعداد تي آهي. پهريون ٻچو پيدا ڪرڻ ۽ کير ڇڏائڻ جو وقت غير پيداواري دور نه ٿيڻ گهرجي.

جوان گابين کي پالڻ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي

☆ جوان جانورن جي نشونما جي لاءِ خوراڪ کي بهتر طريقي سان استعمال ڪرڻ ۽ بهتر خوراڪ کي کير جي پيداوار جيعلاوه نشونما جي لاءِ بهتر ڪارڪردگي سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

☆ گابن کان نسل ڪشي جي ذريعي گهٽي کان گهٽا ٻچا وٺڻ جوان گابين جي خوراڪ، صحت، سنڀال ۽ نشونما جي لاءِ هينيون ضرورتون پوريون ٿيڻ گهرجن

☆ گابن جي شرح موت ۾ گهٽتائي

☆ جلدي بلوغت ۾ پهچڻ ڳئون جو ٻچو 12-13 مهينن ۾ ۽ مينهن جو ٻچو (17-21) مهينن ۾.

☆ سٺي سنڀال سان ڳئون(15-20)مهينا ۽مينهون(21-25)مهينا جي عمر ۾ حاملا ٿي وينديون آهن.

☆ (24-30)مهينا جي عمر ۾ ٻچو وٺڻ ۽ پوءِ کير جي سٺي پيداوار وٺڻ

☆ وهر ۾ ٻيهر اچڻ ۽ حمل جي(70-80) ڏينهن جي اندر ٻيهر ميلاپ ڪرائڻ.

| Target weights (kg) for heifers (good management) | | |
|---|---|---|
| | **Buffalo** | **Cattle** |
| **Birth weight** | 26-31 | 30-35 |
| **At puberty** | 270-300 | 220-270 |
| **To become pregnant at** | 300-325 | 270-310 |

### جوان گابين جي واڌويجهه ۽ خوراڪ (Heifer Growth Nutrition)

گابين جي صحيح سنڀالکيآزمائڻلاءِ ضروري آهي ته ان جي بلوغت پر پهنچڻ تي توجهه ڏني وڃي.

ميلاپ جو پهريون مرحلو جڏهن ڳئون جي ٻچڙي بالغ ڳئون جي وزن جو40 کان60 سيڪڙو ۽ مينهن جي ٻچڙي بالغ مينهن جي وزن جو50 کان70 سيڪڙو حاصل ڪرڻ لاءِ شروع ٿيندو آهي.

سٺي طرح خوراڪ تي پلجڻ وارا مادي جانور عام طور تي11-15 مهينن ۾ ۽ ڳئون 17 کان 21 مهينن جي عمر ۾ مينهون بالغ ٿي وينديون آهن. مناسب سنڀال جو انتظام نه هجڻ ڪري پاڪستان ۾ هن عمرن جا جانور بالغ نه ٿي سگهن ٿا، جوان مادي جانور جن جو وزن گهٽ ٿيندو آهي تمام گهٽ حاملا هونديون آهن ان جانورن ۾ پهرئينوڀامڻجيدوران کير ۾ گهٽ سٽپ هوندو آهي ۽ ٻيهر ملاپ کان پوءِ حاملا ٿيڻ جا امڪان گهٽ هوندا آهن.

Breeding soon after heifer reaches puberty would result in poor performance in subsequent lactations.

**Some guidelines** on weights (kg) to breed pure and crossbreds:

| | |
|---|---|
| ***Friesians, Friesian x Brown Swiss*** | ***- 300*** |
| ***Friesian x zebu crosses*** | ***- 275*** |
| ***Buffalo*** | ***- 300*** |

جرسي ۽ فريزن نسل جي جانورن ۾ مختلف عمرن ۾ مقرر ٿيل جسماني وزن حاصل ڪرڻ لاءِ ۴۵۰ کان ۵۵۰ گرام وزن روزانه وڌڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڳئون جي جوان گابي جي نشـــونما اطمينان بخش هجي ته اهي ۱۲ مهينن جي عمر ۾ بالغ ٿي ويندي آهي ۽ ۱۴ کان ۱۵ مهينن جي عمر ۾ ميلاپ لائق ٿيندي آهي. جيڪڏهن جوان گابي مقرر ٿيل جســــماني وزن حاصل نه ڪري سگهي ته ٻچو پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به متاثر ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن ۲۴ مهينن جي عمر تائين مقرر ٿيل جســــماني وزن حاصل نه ٿي سگهي ته گهٽڻ جانورن ۾ پهرئين ويامڻ کان بعد کير جي پيداوار به گهٽ ٿي ويندي آهي.

غير معياري خوراڪ جي ڪارڻ نشـــونما ۾ ڪمي ان اهم اثرات کي ظاهر ڪري ٿي گهٽ وزن واريون جوان گابين کي ٿوري عرصـــي جي لاءِ ســـني ڪوالٽي جو وندو ڪارائڻ مناســـب آهي ته جيئن پوئين خوراڪ جي ڪمي جي اثراتن کي قابو ڪري سگهجي.

## Feeding From Breeding to Calving

## (ميلاپ کان وٺي ماٺتا تائين خوراڪ)

ٻچڙن جو معدو تقريباً ۱۳ ميهنا جي عمر ۾ پوري طرح ڪارآمد ٿي ويندو آهي. ۽ ان ۾ سٺي قســم جا گاهه هضــم ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ٻچڙن کي اعلي قسم جا گاهه ڪارائڻ گهرجن ۽ خاص ڪري ويامڻ کان ٻه مهينا پهريان ان کي سٺي ڪوالٽي جا ونڊا ۽ توانائي جي ڀرپور خوراڪ ڏيڻ گهرجي.

حاملا ٻچڙي جي جســـــماني صحت جو درجو ۳ هئڻ گهرجي هي جانور کي پهريون دفعو کير ڏيڻ جي دوران دٻاءَ ۽ ســختين کان ڪجهه حد تائين محفوظ رکي ٿي ڇو جو ان دوران جانور کي کير به ڏيڻو هوندو آهي ۽ نشـــونما کي به جاري رکڻو هوندو آهي ۽ ويامڻ جي ٻه مهينن کان پوءِ ٻيهر وهر ۾ آڻڻ جي قابل بڻائي ٿو ڪمزور ۽ موٽي جوان ٻچڙن ۾ ويامڻ جي دوران ۽ ويامڻ کان پوءِ مشـــــڪلات پيدا ٿيڻ جو خدشو هوندو آهي جوان ٻچڙي جي حاملا ٿيڻ تي نشونما جي ڪمي جي وجه سان هيٺ ڏنل نقصان ڪار اثرات ٿي سگهن ٿا.

- ☆ نوان ڄاول ٻچڙي کي سٺي غذائيت واري خوراڪ جو نه ملڻ.
- ☆ ٻچڙي جي نامناسب نشونما جي وجه سان پيدائش ۾ ڏکيائي.
- ☆ پهريون دفعو کيــر ڏيڻ جي مدي ۾ کيــر جي پيداوار جو گهٽ هجڻ.

*When high quality feeds are difficult to produce, rearing pure or crossbred heifers with* ***abundant, low quality feeds*** *may result in* ***slow growth rates*** *(400-500 g/day) and delayed first calving, but this might be most* ***economical rearing strategy for such situations!!***




Source: Dairy Essentials, Raising Dairy Heifers babcock@calshp.cals.wise.edu

# جانورن ۾ گرمي جو مدو ۽ وهر معلوم ڪرڻ

1. بهترين مصنوعي ڏيڃڻ ۽ ڳئن جي چونڊ ڪري پوئين چئن عشرن کان پاڪستان جي زميندارن جانورن جي کير جي پيداوار ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي، تنهن هوندي به مختلف ملڪن جتي ڳئون جي پيداوار سالانه (8000 - 6000) ليٽر آهي. ان جي نسبت سان پاڪستان ۾ اوسط پيداوار (1800 - 1500) ليٽر تمام گهٽ آهي. ۽ ان جو دارومدار سني خوراڪ ۽ جانورن کي وقت تي ٻيهر ٻچو پيدا ڪرڻ جي قابل ڪرڻ تي آهي.

جانور جيڪڏهن ويامڻ کان 90 ڏينهن جي اندر وهر ۾ نه اچي ته آمدني ۾ خاطر خواه نقصان آهي مثال طور

- ☆ کير جي پيداوار ۾
- ☆ اضافي خوراڪ جي فراهمي ۾
- ☆ مزدور جي خرچ ۾
- ☆ متبال جانور جي نه هجڻ جو نقصان

## وهر جو مدو (Heat Cycle)

وهر ڇا آهي

وهر جڏهن هڪ ڳابي پوري طرح جوان ٿي وڃي ۽ هوءِ نر سان گڏ ميلاپ جي خواهش ظاهر ڪري ان کي وهر چوندا آهن، ان جو مدو 6 کان 30 ڪلاڪ جو ٿيندو آهي ۽ هي عموماً هر 21 ڏينهن کان بعد ٿيندا آهن. ان جا مختلف مرحلا آهن مثال طور

**مرحلو نمبر 1.** (پروهيٽ) ان جو مدو 1 کان 2 ڏينهن جو ٿيندو آهي

ان ۾ جانورن جي ٻچي داني ۾ فوليڪلز پيدا ٿيندا آهن. جيڪي ٿوري مقدار ۾ هارمونز پيدا ڪندا آهن. هارمونز جي پيدا ٿيڻ جي وجه سان جانور بي آرام ٿيندو آهي. ۽ سار (Vulva) کان صاف ۽ ليس دار مادو نڪرندو آهي.

**مرحلو نمبر 2.** (پيڪ هيٽ) هن فيز ۾ فوليڪلز جي پٽن سان (Oestrogen) خارج ٿيندو آهي. ڳئون بيٺي هوندي آهي هن ٻين جانورن کي پنهنجي مٿان چڙهڻ جو موقعو ڏيندي آهي ۽ شفاف ليس دار مادو زياده مقدار ۾ خارج ٿيندو آهي.

**مرحلو نمبر 3.** بيض ريزي جو مرحلو هن ۾ فوليڪلز پوري طرح ڦاٽي پوندو آهي ۽ ان مان (Ovum) آنو نڪرندو آهي. هي عموماً ٢٤ کان 30 ڪلاڪن جي اندر خارج ٿيندو آهي ڳئون جي 12 کان 30 ڪلاڪن جي دوران ميلاپ ڪرائڻ گهرجي.

## وهرجي سڃاڻپ ڪرڻ

ڳئون جي وهر وڏي فارمن ۾ معلوم ڪرڻ آسان ڪم نه آهي. ۽ هڪ ٻئي ٻچا ڏيڻ جو مدو 12 مهينن ۾ حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهٽي رڪاوٽ آهي ان کي صحيح طريقي سان ڏسڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ڪجهه ڳئون ايئين هونديون آهن. جن‌جي وهر خاموش ٿيندي آهي (Silent Heat)

هر پيتو نه هجڻ واري وهر زميندار جي لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندي آهي. جو ته ويامڻ جي100 ڏينهن تائين وهر جو پتو نه پوي ته هي آمدني ۾ نقصان جو باعث بڻجي ٿي مثال طور کير جي پيداوار، اضافي خوراڪ، مزدوري ۽ متبادل جانور نه هجڻ ٿي سگهي ٿو. وهر کان پوءِ ليس دار ماده گهٽ يا وڌ مقدار ۾ رت سان گڏ خارج ٿي سگهي ٿو.

## وهر جون علامتون

وهر ۾ ڳئون نشانيون ظاهر ڪندي آهي جنهن ۾ ٻئي جانور کي پنهجي مٿان چڙهڻ جي اجازت ڏيڻ، اعصابي نظام جي ذريعي توليدي نظام کي متحرڪ ڪرڻ شامل آهي. ان طريقي سان ڳئون جي رويي جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. وهر ياته اس نڪرڻ کان پهريون شروع ٿيندي آهي يا عشاء کان پوءِ.

## ڳئون ۾ لڳ جون علامتون

1 ڳئون بيٺي هوندي آهي ۽ ٻين ڳئن کي پنهجي مٿان چڙهڻ جو موقعي ڏيندي رهندي آهي

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ




SCHEMATIC ILLUSTRATION OF A COWS HEAT-CYCLE AND THE BEST TIME OF INSEMINATION

2 جيڪا ڳئون وهر ۾ هجي اها ٻهريان ٻين ڳئن تي چڙهندي آهي.

3 سار جو رنگ سرخي وانگر ۽ ان ۾ سوج هوندي آهي.

4 ليس دارمادونڪ ۽ ٽنگن تي لڳل هوندو آهي.

5 جانور بي چين هوندو آهي.

6 جانور آواز ڪندو آهي.

7 هرهر ۽ ٿوري ٿوري مقدار ۾ پيشاب ڪندون آهي.

8 گابيون خاص طور تي نڪ مٿي ڪري رکنديون آهن

9 جانور کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي.

10 کير ڏيڻ واري جانورن ۾ کير جي ڏيڻ جي پيداوار گهٽ ٿي ويندي آهي

## ملائي/ميلاپ جو وقت

قدرتي يا هٿرادو نسل ڪشي جي ذريعي سان جانور ان وقت حامله ٿيندو آهي

| Characteristic signs of heat in buffaloes | | | |
|---|---|---|---|
| | Early heat | Mid-heat | Late Heat |
| | *8 hrs* | *12-18 hrs* | *18-24 hrs* |
| Urination frequency | *Least* | *More* | *Less* |
| Bellowing | *sometimes* | *Very common* | *No* |
| Excitement | *More* | *less* | *Normal* |
| Mounting by teaser | *less* | *more* | *Least* |
| Appetite | *Normal* | *Less* | *Normal* |
| Milk yield | *Normal* | *Less* | *Normal* |
| Cervix open | *Partial* | *Full* | *Closed* |

**Remember!!! …. In Buffaloes**
**Much of noticeable signs of heat are shown clearly during mid-heat, so the chance of missing is also HIGH**

جڏهن نرتخم صحيح وقت تي صحيح جڳهه تي موجود هجن.

آنا بيضـــــــ دا ني سان وهــر ختم ٿيڻ کان بعد 10 کان 14 ڪلاڪن ۾ خارج ٿيندو آهي ۽ 6 کان 12ڪلاڪن تائين نرتخم سـان ملڻ کان بغير زنده رهي ٿو جڏهن ته نرتخم ڳئون جي توليدي نظام ۾ 24 ڪلاڪ تائين زنده رهندا آهن.

مصنوعي نسل ڪشي جو بهترين وقت

صبح شام جو قانون

☆ جيڪي گابيون صبح جي وقت گرمي ظاهر ڪن انهن کي ٻي پهري جي وقت نســـل ڪشـــي ڪرائڻ گهرجي.

جيڪي گابيون ٻي پهري جي وقت گرم ظاهر ڪن انهن کي اڳئين صبح نسل ڪشي ڪرائڻ گهرجي.

## گهٽ شرح حامله هجڻ جا سبب:

☆ وهــرجي سڃاڻپ جي جڙيل مســئلن (ميلاپ نہ ڪرائڻ يا ٺيڪ وقت تي ميلاپ نہ ڪرڻ).

☆ مصــنوعي نســل ڪشـــي يا قدرتي ميلاپ سان جڙيل مســئلا (مصــنوعي نســل ڪشـــي غلط طريقي سان ڪرڻ، اهڙو ڍڳو جيڪو نرتخم گهٽ پيدا ڪري ٿو ڪي استعمال ڪرڻ).

☆ ڳئون سان جڙيل مسئلا (توليدي نظام ۾ بيماري، هارمونز جي مسئلن جي شروعاتي مرحلي ۾ جانورجي ٻچي جي موت)

☆ خوراڪ سان جڙيل مسئلا(خراب ڪوالٽي جي خوراڪ ڏيڻ ۽ گهٽي خوراڪ جي ڪري ٿلهو ٿيڻ )

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونيٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:05**

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

## حامله ڳئون جي سنڀال

### تعارف

ڦرجي سارسنڀال جي شروعات منتخب ٿيل ڏڳي کان ڳئون جي حامله ساڻ ٿيندو آهي. حامله ڳئون ۾ ڦر کي مناسب خوراڪ جي فراهمي سان ڦر جي نگهداشت شروع ٿي ويندي آهي.

ڳئون ۾ حمل جو دورانيو 280 ڏينهن ٿيندو آهي. جنهن جو دارومدار نسل تي آهي.

ويامڻ جي متوقع تاريخ کان ٻه مهينا پهريون ڳئون کي خشڪ ڪرڻ گهرجي. ان دوران رحم جي اندر ڦر تيزي سان وڌندو آهي. (فريزن نسل)

- ☆ 10 ڪلو=ڳئون جي پيٽ ۾ 7 مهينن جي ڳابي جو وزن
- ☆ 20 ڪلو=ڳئون جي پيٽ ۾ 8 مهينن جي ڳابي جو وزن
- ☆ 35 ڪلو=ڳئون جي پيٽ ۾ 9 مهينن جي ڳابي جو وزن

ڦرجي پيدائش کان ٻه يا ر چار هفتہ پهريون ڳئون کي بهترين خوراڪ ڏيڻ گهرجي (هن عمل ۾ حامله ڳئون کي اضافي خوراڪ جيئن تہ داڻو ۽ ونڊو ڏيڻ گهرجي تہ جيئن جانور ويم جي شروعات ۾ ئي کير جي زياده کان زياده پيداوار ڏي. اهڙي خوراڪ عام طور تي ويامڻ جي 4 هفتا پهرين ڏيڻ گهرجي.

### پيدائش

جڏهن ويامڻ جو وقت ويجهو اچي ٿو تہ نڪ جي پهرئين سري ۽ چيلهہ جي هيٺين هڏي کي ملائڻ واري پنو سڪون جي حالت ۾ هيٺ هليو وڃي ٿو. شرم گاهہ جو سڄڻ ۽ ماده جو خارج ٿيڻ ان حالت ۾ عام هوندو آهي. اوهہ تيزي سان وڌو ٿي ويندو آهي ۽ گهٽي قدر اوهہ سڄي بہ ويندو آهي. ويامڻ کان ڪجهہ دير پهريان ٻچي داني سڪڙجڻ شروع ٿي ويندي آهي. جنهن جي شدت شروع ۾ گهٽ هوندي آهي. حامله ڳئون ۾ ويامڻ کان پهريان ٻچي داني سسڻ جو عمل 24 ڪلاڪن تائين جاري رهي سگهي ٿو (اوسطاً 4 ڪلاڪ) ۽ جانور جي بي چيني وڌي ويندي آهي.

ڦر ٻچي داني سان شرم گاهہ کي کولڻ لاءِ دٻاءُ وجهندو آهي. انهيءَ دوران ڦر پنهنجي پيدائش واري حالت ۾ اچي ويندو آهي. پيٺ تي ليٽي ڪري پنهنجون اڳيون ٽنگون ڊگهيون ڪري پنهنجو مٿو رکندو آهي. ٻچي داني شدت سان سسڻ شروي ٿي ويندي آهي. جنهن ۾ معدو پنهنجو پاڻ سسي ڪري مدد ڪندو آهي. عام طور تي ان جي نتيجي ۾ ڦر پيدائش واري رستي ڏکو ڏنو ويندو آهي. (ڪجهہ ڪلاڪن ۾) جيئن ئي شرم گاهہ مان ڦر جو مٿو گزرندو آهي ان جو رخ هيٺئين طرف ٿي ويندو آهي. ۽ ڦر آساني سان چيلهہ جي هڏي سان گذري ويندو آهي. عام پيدائش جي حالت ۾ ڦر جي سڀ کان گهٽ ڊيگهہ تصور ڪئي ويندي آهي. ويامڻ جي عمل کي ڪئي مشڪلات کان بغير ممڪن بنائڻ ضروري آهي. ڦر جو اڳئون حصو شرم گاهہ ۾ نظر اچڻ کان بعد هڪ ڪلاڪ جي اندر ويامڻ جو عمل پورو ٿي ويندو آهي.

جيڪڏهن هڪ کان ٻن ڪلاڪن ۾ ڦر جي پيدائش نہ ٿي تہ معائنو ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن ڦر پيدائش جي نيڪ حالت ۾ هجي ۽ ان جي اڳين ٽنگن کي احتياط سان رسي ٻڌي ڪري ڇڪڻ سان پيدائش ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي.

ڦر کي هميشہ سڌو ڇڪڻ جي بجاءِ ڳئون جي حيواني جي طرف هيٺئين طرف ڇڪيو. ڦر کي ٻاهر ڪڍڻ جو عمل وڏي احتياط سان ان وقت ڪرڻ گهرجي جڏهن جانور کي قابو ۾ ڪيو ويو هجي ڪنهن طرح سان معاونت کان پهريان صاف پاڻي ۾ جراثيم ڪش دوا مثال طور ڊيٽول وجهي ڪري شرم گاهہ ۽ پرسان وارا حصا ڌوئڻ گهرجن. هن عمل کي ڪرڻ واري ماڻهو جا هٿ ۽ ٻاهون صاف هجڻ گهرجن. استعمال ٿيڻ واري رسي کي بہ جراثيم ڪش دوا سان صاف ڪرڻ گهرجي

گهڻو ڪري ڦر پيدائش جي وقت حالت خلاف معمولي هوندي آهي. ان وقت جانورن جي ڊاڪٽر جو هجڻ ضروري آهي. ڦر جي پيدائش جي وقت ڪجهہ خلاف معمولي ڳالهيون هيٺ آهن.

- ☆ صرف اڳئين هڪ پير جو ٻاهر اچڻ.
- ☆ اڳين ٽنگن جو مٿي کان بغير ظاهر ٿيڻ.
- ☆ پوين ٽنگن جو پهرين ٻاهر نڪرڻ.
- ☆ نڪ کي پهرين ٻاهر اچڻ.

اهڙن حالتن ۾ ڦر جي حالت کي پيدائش کان پهريان تبديل ڪرڻ ضروري آهي.

ويامڻ جي دوران خلاف معمول ٻيون حالتون هيٺ ڏجن ٿا.

- ☆ ٻچي داني جي سسڻ جي شدت جو ڪافي نه هجڻ.
- ☆ ڦر وڏي سائيز جو هجڻ. ان حالت ۾ آپريشـــن جي ضرورت پيش اچي سگهجي ٿي.

ڦر جي پيدائش ۾ عام طور تي اڳين ٽنگن جي شـــرم گاهه کان گذرڻ جي دوران ڦر جي مٿان جهليون ڦاٽي پونديون آهن. عام طور تي ڦر پيدائش جي وقت ان کان بغير ٻاهر اچي وڃي ٿو ۽ اهي جهليون جر سان گڏ مضـــبوطي سان جڙيل هونديون آهن ڇاڪاڻ ته پيدائش جي دوران ڦر کي آڪســـيجن ملي سگهي. پيدائش جي رستي سان گذرندي ڦر جي دن جي ڏوري عام طور تي ٽٽي پوندي آهي . ان وقت ڦر کي ساهه کڻڻ گهرجي ڇو ته هو ان وقت ماءُ کان آڪسيجن نه وٺي سگهندو آهي.

پيدا ٿيڻ کان پوءِ زنده رهڻ جي لاءِ آڪسيجن پهرئين ضرورت آهي. ڦرجي نڪ کي رطوبتن۽ جهلين کا ن صـاف ڪرڻ گهرجن. نڪ جي اندر ڦوڪ سـان هوا داخل ڪرڻ سان يا هٿ سان نڪ کي مهٽڻ سان ساهه کڻڻ جي رفتار تيز ٿي ســـگهي ٿي. پيدائش کان بعد جلد ڦر کي (٢ ڪلاڪن جي اندر) کٿڙ پيئارڻ ضـــروري آهي. ڦرجي پيدائش کان پوءِ به ٻچي داني جي ســڪڙجڻ جي عمل جاري رهندو آهي. ڇاڪاڻ ته ٻچي داني مان جر ۽ جهليون ٻاهر اچي ســـگهن. هي ويامڻ کان بعد جو عمل آهي. ٻاهر نڪرڻ جي فوراً بعد جر کي ضـــايع ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ويامڻ جي ١٢ ڪلاڪن کان پوءِ به جر ٻاهر نه نڪري ته سمجهڻ گهرجي ته جر ٻچي داني ۾ ڦاسي پئي آهي.

جر اندر رهڻ جي صورت ۾ ڳئون سســـــت ٿي ويندي آهي کائڻ پيئڻ گهٽ ڪري ويندي آهي ۽ بيمار نظر ايندي آهي. ان حالت ۾ جانور کي علاج جي ضـــرورت هوندي آهي. جڏهن ڳئون گاهه کائيندي آهي ۽ نارمل نظر ايندي آهي ته شرم گاهه ۾ جراثيم ڪش دوا رکڻ ڪافي هوندو آهي. جر کي زبردستي ٻاهر نه ڪيو. اندر رهجي وڃڻ واري جر ڪڏهن به ســـڄي ٻاهر نه ايندي آهي ۽ ٻچي داني کي شديد نقصان پهچي سگهجي ٿو ۽ ڳئون خشڪ/فنڊي ٿي سگهي ٿي.

عام طورتي ويامڻ کان پوءِ ڪجھ رطوبتون جنهن ۾ رت ۽ ڪجھ بافتون به شامل هونديون آهن. جيڪي ويامڻ جي هڪ ڏينهن بعد تائين خارج ٿي وينديون آهن. اهو ضـــروري نه آهي ته ٻچي داني ۾ ڪا بيماري هجي ها ويامڻ کان پوءِ اهو ٿي سگهي ٿو. خارج ٿيڻ واري مادي جي ڏپ بيماري جي شروعات جي نشـــاني آهي. ويامڻ کان پوءِ خوني مادو ڪرندو رهندو آهي. پر ان جي بو گندي نه هوندي آهــي جيڪڏهن بدبو ۽ گند نڪــري رهــي هجــي ته ان تـــي توجه ڏيڻ ضروري آهي. شرم گاهه ۾ جراثيم ڪش دوا ممڪن علاج آهي.

## ويامڻ جا مرحلا

ويامڻ کان هڪ ڏينهن پهريان ڳئون کي بيماري کان پاڪ ۽ صاف جڳهه تي منتقل ڪريو (يادر ڪو ڪليل ايريا، گندگي ۽ بيماري واري جڳهه کان تمام بهتر آهي).

- ☆ ڪڏهن ڪڏهن ويامڻ کان (1 کان 2 هفته) پهريان حيوانو ســـڄي ويندو آهي.
- ☆ ويامڻ کان 12 ڪلاڪ پهريان ڳئون جي جســـم جو درجه حرارت ڪجھ گهٽ ٿي ويندو آهي.
- ☆ شرم گاهه مان ليس دار مادو نڪرندو آهي.
- ☆ جانور بي چين ٿي ويندو آهي.
- ☆ پوءِ جانور ڦر کي ٻاهر ڌڪو ڏيڻ شروع ڪندو آهي.
- ☆ پهريان ڦر جي پرســــــان لڳل جهليون نظر ايندي آهين جيڪي ڦرجي رستي کي ويڪرو ڪندي آهي ۽ جلد ڦاٽي پوندي آهي.
- ☆ ان کان پوءِ اڳين پيرن جي پرســـــان لڳل جهليون نظر ايندي آهن ۽ پوءِ ڦر جو نڪ ۽ اڳيون حصو ظاهر هوندو آهي.
- ☆ جڏهن ڳئون زور لڳائيندي آهــي ته ٻچڙي کــي ٻاهــر ڪڍڻ ۾ ڳئون کي مدد ڪرڻ گهرجي. زور نه لڳايو ۽ احتياط سان ڪم وٺو.
- ☆ جيڪڏهن ڪوشـــــڪ هجي ته جانور جي ڊاڪٽر ســـان رابطو ڪريو.

## نئين ڄاول ڦر جي سنڀال

- ☆ پيدائش جي فوَرا بعد ڦر جي دن کي پائيوڊين جي ٽانو ۾ ٻوڙيو ته جيئين بيماري کان بچي ســـــگهجي. هي عمل 24 ڪلاڪن کان پوءِ ورجايو.
- ☆ ڦر کي 12 کان 24 تائين ماءُ ســـان رهڻ ڏيو ته جيئين ڦر کٿڙ پي سگهي. هي بيمارن جي خلاف طاقت پيدا ڪندي آهي.
- ☆ صـــرف صـــحت مند ڳابي کي پالڻ جي لاءِ رکو. 90 ســـيڪڙو ڳابيون جيڪي نر سان گڏ ڄاڙا پيدا ٿين، بانجھ (فنڊي) هونديون آهن.

ILRI
INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE
CGIAR

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونينٽ

SAGP-Livestock: Fact Sheet no:06

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

## ڳئن ڪي ويامڻ کان بعد جا مسئلا

### تعارف

سوجش حيواني کان علاوه سوتڪ ۽ اقارو به اهم بيماريون جيڪي تمام گهڻي نقصان جو سبب بڻجن ٿيون.

### سوتڪ

### هي بيمار ڪڏهن ٿيندي آهي.

سوتڪ جي بيماري جو تعلق جانور جي عمر سان آهي. هي بيماري جيڪا ڳابين ۾ پهرئين ويامڻ کان پوءِ تمام گهٽ ۽ ٻئي ويامڻ کان بعد ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي. ويامڻ جي تعداد وڌڻ سان بيماري جا واقعا وڌندا رهندا آهن.

### علامتون

ان جو نالو "**سوتڪ جو بخار**" غلط طريقي سان ڪنيو ويندو آهي جيتوڻيڪ ان ۾ بخار نہ ٿيندو آهي. "**ويامڻ کان بعد جو فالج**" هن بيماري جو گهڻو مناسب نالو آهي. جانور کي بک نہ لڳندي آهي ۽ هاضمي جو نظام ڪم نہ ڪندو آهي. هن بيماري ۾ ڳئون اڪثر سست ٿي ويندي آهي، ان جو منهن خشڪ ۽ ڪن ٿڌاٽي ويندا آهن. ان بيماري جي پهرئين علامت گهمنڊڙ جانور ٿاٻا کائڻ شروع ڪندو آهي. هي مسئلو وڌڻ سان جانور کي ڪرڻ جو خدشو آهي ياٿاٻو کائي سمهي پوندو آهي ۽ ٻيهر اٿي نہ سگهندو آهي. ان بيماري جا ٽي مرحلہ هوندا آهن.

(ا) جانور اٿندو آهي پر ڏڪندو آهي.

(ب) جانور ويهي رهندو آهي ۽ ان تي گدود طاري ٿي ويندو آهي.

(ج) جانور پنهنجو مٿو پوئين طرف ڪندو آهي ۽ باشعور ٿي ويندو آهي.

ان بيماري ۾ مبتلا ڳئن جو رت ۾ ڪيلشيم جي ڪمي اچي ويندي آهي. عام بخار ۾ رت ۾ ڪيلشيم جي مقدار 10 ملي گرام في 100 ملي ليٽر ٿيندي آهي. ويامڻ جي وقت ڳئون ۾ رت جي ڪيلشيم جي مقدار 8 ملي گرام في 100 ملي ليٽر تائين گهٽجي ويندي آهي. مٿين ڏنل ٽن مرحلن جي بنيادتي سوتڪ جي بيماري ۾ مبتلا ڳئن جي رت ۾ ڪيلشيم 6.5 ملي گرام کان 4.5 ملي گرام في 100 ملي ليٽر رت ڪري پوندي آهي. ڪيلشيم سان گڏ فاسفورس جي رت ۾ ڪمي ۽ ميگنيشيم جي زياده هجڻ جي ڪري ان بيماري جون علامتون آهن.

### سبب:

جڏهن جانور کير ڏيڻ شروع ڪندو آهي تہ رت مان ڪيلشيم جي گهڻي مقدار کير جي ذريعي جسم ۾ خارج ٿي ويندي آهي. هن بيماري جي شدت ۾ ٻنو اضافو ٿي ويندو آهي. جڏهن ڳئون جسم ۾ ڪيلشيم جي مقدار ڪيميائي عمل سان وڌائڻ ۾ ناڪام ٿي ويندي آهي. ڳئون ۾ اهو سڀ ڪرڻ لاءِ هڪ پنهنجو نظام هوندو آهي پر ڪنهن ٽائيم اهو پنهنجو ڪم جلدي ڪري نہ سگهندو آهي. ان بيماري ۾ خشڪ مدي ۾ ڳئون کي ڏيڻ واري خوراڪ تيزي سان ردعمل ظاهر ڪرڻ تي اثر انداز ٿيندي آهي.

ڳئون ٻن طريقن سان ڪيلشيم هڏن سان ڪيميائي عمل جي يا پوءِ هاضمي جي نظام سان جذب ڪري حاصل ڪري سگهي ٿي جنهن ۾ موجود بہ مرڪب پيراٿائي رائيڊ هارمون (PTH) ۽ وٽامن ڊي (Vitamin D) ان تي اثر انداز ٿيندا آهن. ڳئون ۾ موجود پيراٿائي رائيڊ غدود مان (PTH) نڪرندو آهي. ان جي نڪرڻ جي رفتار رت ۾ ڪيلشيم ليول گهٽ هجڻ تي وڌندي آهي. ان هارمون جي وجہ سان هڏين ۾ موجود ڪيلشيم رت ۾ وڃڻ شروع ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن سوتڪ ۾ مبتلا ڳئون ۾ هاٽي هارمون جي مقدار وڌي ويندي آهي پر هڏين جي طرف کان ردعمل ۾ ڪمي جي وجہ سان رت ۾ ڪيلشيم جي مقدار پوري نہ ٿي سگهندي آهي.

متحرڪ وٽامن ڊي جو بنيادي ڪم آنڊن کان ڪيلشيم جي جذب ٿيڻ جي عمل کي تيز ڪري ٿو. وٽامن ڊي جي پيدا ٿيڻ جي رفتار رت ۾ ڪيلشيم ۽ فاسفورس ليول گهٽ ٿيڻ جي ڪري تيز ٿيندي آهي. ظاهري طور تي فاسفورس جي زياده مقدار وٽامن ڊي کي پيدا ٿيڻ کان روڪي ٿي. سوتڪ ۾ مبتلا ڳئون ۾ متحرڪ وٽامن ڊي وڌي ويندي آهي پر رد عمل ۾ سستي ان کي وقت تي ڪم ڪرڻ کان روڪيندي آهي.

### مٿي ڏنل نتيجن سان هي خارج ڪري سگهجي ٿو.

☆ خشڪ مدي ۾ ڪيلشيم جي زياده مقدار ڏيڻ سان هي ٻئي مرڪب رد عمل ظاهر ڪرڻ ۾ دير ڪري سگهن ٿا. جيڪو هڪ نامناسب عمل آهي.

☆ خشڪ مدي ۾ فاسفورس جي زياده مقدار ڏيڻ سان بہ وٽامن ڊي جو نهڻ ۽ رد عمل ۾ دير ٿي سگهي ٿي.

☆ هاضمي جي نظام ۾ ڪيلشيم جي موجودگي جذب ٿيڻ لاءِ ضروري آهي. ان جو مطلب آهي تہ ڦرجي پيدائش کان پوءِ ڳئون کي خوراڪ ۾ ڪيلشيم جي زياده مقدار ڏني وڃي.

☆ خشڪ مدي ۾ ڪيلشيم تمام زياده مقدار ۾ کارائڻ سان بہ رت ۾ ان کي پورو ڪرڻ جو نظام سست ٿي ويندو آهي ۽ رد عمل ۾ دير ٿي سگهي ٿي

### علاج:

ان جي علاج جي لاءِ ڪيلشيم گلوڪو ڳچي ۾ ٽڪو لڳايو ويندو آهي. ان سان جانور تيزي سان صحت ياب ٿيندو آهي پر ٣٠ سيڪڙو ڪيسن ۾ ناڪامي ٿيندي آهي.

### بچاءَ:

سوتڪ جي بچاءَ لاءِ هينين طريقن غور ڪيو ويندو آهي.

WORLD BANK
World Bank Assisted

☆ خشڪي جي دوران ڪيلشيم جي گهٽي فراهمي کان بچڻ گهرجي.حامله خشڪ ڳئون جنهن جو وزن600 ڪلو گرام هجي، ان جي روزانو جي ضرورت 40 گرام ڪيلشيم ۽30 گرام فاسفورس آهي.

☆ تمام گهڻن معاملن مان معلوم ٿيو آهي ته100 گرام ڪيلشيم جي روزانو جي فراهمي سان جانور کي نقصان نه پهچندو آهي. تنهن هوندي ڊاٿيدارسائي گاهه جي زياده مقدار سان مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿوڇوته انهڻ ڪيلشيم جي مقدار تمام گهڻي هوندي آهي.

☆ گهٽ خوراڪ ڪارائڻ يا گهٽ ڪيلشيم جي مقدار وارو گاهه (سڪل گاهه يا خميره گاهه مڪئي ٽانڊي يا ان جو خميره گاهه) ڪارائڻ بهترين حل آهي. گهٽ ڪيلشيم واري خوراڪ (15 گرام روزانو) 10 ڏينهن ويامڻ کان پهريان ڏيڻ سان سوتڪ جي بيماري کان مڪمل طور بچي سگهجي ٿو.

☆ سوتڪ جي روڪ ٿام لاءِ خشڪ دور ۾ فاسفورس گهٽي رکڻ واري خوراڪ کان پاسو ڪرڻ هڪ اهم جزو آهي تنهن هوندي ڪيلشيم ۽ فاسفورس جيشرح 2 کان2.5 ۽ 1 عام طور تي نيڪ هوندي آهي ڪيلشيم ۽ فاسفورس جي ڪل مقدار، شرح جي نسبت مسئلو پيدا ڪندي نظر ايندي آهي. ڪيلشيم جي گهٽائي کي نيڪ ڪرڻ لاءِ گهٽي فاسفورس واري خوراڪ ڏيڻ مسئلي کي وڌائڻ جو سبب ٿيندو آهي.

خشڪ ڳئون ۾ ٿلهي ٿيڻ کان بچائڻ ضروري آهي. هي هڪ ۽ ڪوئي بيو سبب جنهن جي وجه کان خوراڪ کائڻ ۾ ڪمي هجي سوتڪ جو بڻبو آهي.

## اقارو/آڦري

اوڳرڪرڻ وارن جانورجي معدي۾گيس جمع ٿيڻ جي وجه سان هي بيماري ٿيندي آهي. جانور جوپيٽ گيس جي وجه سان ڦوڪجي ويندو آهي. اقاري کي قابو ڪرڻ آسان آهي پر جيڪڏهن توجه نه ڏني وئي ته هاري کي تمام گهڻ وقت۾ڪيترن جانورن کان هٿ ڪڻو پوندو. معدي ۾ خوراڪ هضم وڏي مقدار ۾گيس پيدا ٿيندي آهي. هي گيس عام طور تي جانور اوڳرائي سان ٻاهر ڪيندو آهي. جيڪڏهن خوراڪ جي نالي بند ٿي وڃي يا معدي جي جزن ۾ جهڳ پيدا ٿي وڃي ته معدو جهڳ يا گيس جي وجه سان ڦوڪجڻ شروع ٿي ويندو آهي. اقارو هيٺ ڏنل ڪنهن به وجه سان ٿي سگهي ٿو.

☆ مرطوب واري موسم جي شروعات تي گهڻي مقدار ۾آلو سائو گاهه خاص طور تي ڦليدارگاهه کائڻ سان.

☆ پڪل ڦر يا ضايع ٿيل ڦر (اننانس) کائڻ سان

اهڙي خوراڪ کائڻ سان جنهن جي تبخير آساني سان ٿي سگهي مثال طور ڪشيد جو زيان ۽ ٻج مثال طور مڪئي، ٻاجهري

☆ مخصوص زهريلو ٻوٽو کائڻ سان

☆ خوراڪ جي وڏي ٽڪرن (مثالو مڪئي جوسڻو) جي وجه کان خوراڪ جي نالي جو بند ٿيڻ

☆ ڪجھ بيمارين مثال طور (چاندني جي بيماري) جيڪانارمل ساهه کڻڻ جي عمل کي مفلوج ڪري ٿي.

جڏهن جانور کي اقارو ٿئي ٿو ته ان جيپاسرائين جو پوين حصو کاٻي پاسي ڦوڪجي ويندو آهي.جانور ڪاڏو ڇڏي ويندو آهي ۽ مشڪل سان ساهه کڻندو آهي ڪئي دفعا سائي گگ منهن ۽ نڪ مان نڪرندي آهي. ۽ ڪجھ جانورن کي بواسير به لڳي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جانور پني تي نوڪرون هڻندو آهي يا ليٽي پوندو آهي ۽ ٽنگون ٻاهر ڪيدي ڇڏيندو آهي ۽ ڪجھ دير بعد جانور جو مٿو چڪجي ويندو آهي ۽ اهو هڪ سائيڊ تي ليٽي پوندو آهي جانور انهي حالت ۾ گهڻي دير پيو رهي ته مري ويندو آهي.

## اقاري جو علاج

ڪجھ ڪلاڪن لاءِ جانورن کي کائڻ لاءِ خوراڪ نه ڏيو۽ پر انهي کي گهمايو يا ڊوڙايو. وات جي ذريعي اقاري جي بچاءَ جي دوا پياريو ۽ کٻي طرف کان پني کو مليو ته جيئين دوا پني ۾ ملي وڃي. دوا جي ٿورڙي مقدار روزانه ڏيو ۽ ٻن کان ٽن ڏينهن تائين ڏيندا رهو جيستائين جانور تندرست نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن جانور دوا نه پئي سگهي ته ان جي ڳچي ۾ ٻڌل رسي وات جي وچ ۾ گزاريو ۽ ان ۾ دوا وجهو ته جيئين هو رسي کي چٻاڙي ۽ دوا پئي سگهي. جيڪڏهن جانور تمام بي چين هجي ۽ مرڻ لڳي ته هنگامي حالت ۾ ان جو آپريشن ڪرڻ تمام ضروري آهي.

اقاري واري معدي ۾ سوراخ ڪرڻ جي لاءِ سئي ۽ ڪينولا جو استعمال ڪري گئس کي ڪيڍي ويندي آهي يا پوءِ چاقو سان ڳئون جي کاٻي طرف معدي ۾ سوراخ ڪري گئس ڪيڍي ويندي آهي.

جڏهن چاقو استعمال ڪيووجي ته سوراخ۾خالي ٽيوب/نالي اندرداخل ڪري گئس ڪيڍي سگهجي ٿي. گهٽي گيس نهڻ کي روڪڻ لاءِ اقاري جي دوا سوراخ جي اندر داخل ڪئي



سئي ۽ ڪينولاجي ذريعي اقاري جوعلاج

ويندي آهي. معدي کي زور سان دٻايو ته جيئن گيس ٻاهر اچي. معدي جي سوراخ کي کليل رکڻ لاءِ سوراخ جي اندر نالي وجهڻ گهرجي. اقاري کان بيهر بچڻ لاءِ سوراخ سان اقاري جي دوا يا بناسپتيگيهه سوراخ جي ذريعي معدي ۾ وجهڻ گهرجي. جڏهن ٽيوب ڪيدي ويندي آهي ته سوراخ پنهنجو پاڻ بند ٿي ويندو آهي. بيماري کان بچاءَ لاءِ جراثيم ڪش پائوڊر، اسپري يا مکين کا بچاءَ واري دوا زخم تي لڳائڻ گهرجي.

## اقاري کان بچاءُ

جانور کي آلو گاهه ڏيڻ کان پهريان سڪل گاهه کارايو ۽ پاڻي نه پياريو.جانور کي صبح سوير آلو سائو گاهه کائڻ نه ڏيو. سج جي وجه کان آلو گاهه خشڪ ٿيڻ جو انتظار ڪريو. شروعات ۾ جانور کي سائو گاهه ٿورڙي دير (1 کان 2 ڪلاڪ ڏينهن) وجهو ۽ آهستي وقت وڌائيندا وڃو. خوراڪ هر واري آهستي آهستي تبديل ڪريو

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونيٽ

SAGP-Livestock: Fact Sheet no:07

## خشڪ ڳابين جي سنڀال

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

### تعارف

خشڪ جانور جي سني سنڀال ۽ خوراڪ تمام اهم آهي جو ته خشڪ دور ۾ ڪرڻ وارن فيصلن جو اثر ايندڙ لڳ ۾ کير جي پيداوار ۽ جانور جي صحت تي پوندو آهي.

خشڪ ڳئون جي بهتر سنڀال جا هيٺ ڏنل مقصد آهن.

- ☆ ڳابي جي نشونما جي لاءِ بهتر خوراڪ جي فراهمي.
- ☆ ايندڙ لڳ جي لاءِ بهترين جسماني حالت.
- ☆ ايندڙ لڳ جي لاءِ حيواني کي تيار ڪرڻ.
- ☆ ايندڙ لڳ جي لاءِ هاضمي جي سرشتي کي تيار ڪرڻ.
- ☆ خشڪ ڳئون ۾ هاضمي، ڪيميائي عمل ۽ جراثيم سان پيدا ٿيڻ وارين بيمارين کي روڪڻ.

### خشڪ دور جي مقصد

خشڪ دور جو مقصد ڳئون جي ٿڻن ۾ موجود کير پيدا ڪرڻ وارن غدودن جي بحالي ۽ هاضمي جي سرشتي خوراڪ جي فراهمي جي دباءَ کان ڪڍڻ.

### خشڪ دور جي مدت

هي مختلف جانورن ۾ مختلف ٿي سگهي ٿي. ڳئون ۾ ايندڙ لڳ ۾ کير جي زياده پيداوار جي لاءِ عام طور تي 45 کان 60 ڏينهن جي مدت ۾ خشڪ دور جي سفارش ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن خشڪ دور جي مدت 45 ڏينهن کان گهٽ ۽ 60 ڏينهن کان گهٽي ٿي وڃي ته ايندڙ لڳ ۾ کير جي پيداوار گهٽ ٿي ويندي آهي. گهٽ مدت واري خشڪ دور ۾ ٿڻ پوري طرح تيار نه ٿيندا آهن جڏهن ته گهٽي مدت واري خشڪ دور ۾ ڳئون ٿلهي ٿيڻ جا امڪان آهن. بنهي صورتن ۾ انجام، ايندڙ لڳ ۾ کير جي پيداوار ۾ ڪمي آهي.

### ڳئون جو کير خشڪ ڪرڻ جو طريقو

ڳئون کي خشڪ ڪرڻ جي لاءِ يڪدم کير ڏهڻ روڪي ڇڏڻ سفارش ٿيل طريقو آهي. ڳئون جو کير جزوي طور تي ڪافي ڏينهن تائين ڏهڻ هر ٻئي ڏينهن کير ڏهڻ جو طريقو نه استعمال ڪرڻ گهرجي. هي طريقو استعمال ڪرڻ سان ڳئون کي خشڪ ڪرڻ جو عمل وڌو ٿي ويندو آهي ۽ سوزش حيواني جا امڪان وڌي ويندا آهن. حيواني ۾ کير جو وجھ سان دباءُ، خشڪ ڪرڻ جي عمل ۾ سازگار هوندو آهي.

گهٽي کير ڏيڻ وارين ڳابين ۾ خشڪ دور جي شروعات کان ڪئي ڏينهن پهريان خوراڪ ۾ ڪمي ڪرڻ ضروري آهي. خوراڪ ۾ 50 کان 70 سيڪڙو ڪمي ڪرڻ سان حيواني کي غذائي جزا، جي فراهمي ۾ انتهائي طور تي ڪمي ٿي ويندي آهي. ۽ کير جي پيداوار کي گهٽ ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي.

### سوڄ ٿڻ کي روڪڻ ۽ ان جو علاج

ڳئون ۾ خشڪ ڪرڻ جي هڪ هفتي کان پوءِ ۽ ڦر جي پيدائش کان هڪ هفتو پهريان ڳئون ۾ سوزش حيواني جي بيماري جا امڪان وڌي ويندا آهن. ڳئون کي خشڪ ڪرڻ سان نه صرف نئي حيواني جي سوزش کان بچاءُ ممڪن آهي پر هي لڪيل سوڄ ٿڻ جو بهترين موقع هوندو آهي.

بيماري پکيڙڻ وارا جراثيم (Straptococcus agalactia) ۽ (Staphylococus aureus) جي خلاف ڳئون کي خشڪ ڪرڻ جو طريقو علاج ڪافي اثرائتو ثابت ٿيندو آهي. تنهن هوندي خشڪ دور ۾ صاف ۽ خشڪ ماحول فراهم ڪرڻ سان هن ماحول ۾ موجوده بيماري وارا جراثيم کان بچڻ ممڪن آهي.

### مناسب صحت جو معيار

خشڪ دور ۾ ڳئون جي جسماني صحت سني رکڻ گهرجي. خشڪ دور جي ويجهو ڳئون جي جسماني صحت، کير ڏيڻ وارا گروه کان کير نه ڏيڻ واري گروه ۾ تبديلي جي وقت سنڀال جي لاءِ بهترين طريقو آهي. ڳئون کي خشڪ ڪرڻ وقت ان جي جسماني صحت جو معيار تقريباً 3.5 هجڻ گهرجي. خشڪ دور ۾ ڳابين جا فربه هجڻ سان، ان ڳابين جي نسبت جيڪي پنهنجي جسماني صحت برقرار رکن ٿيون، معدي جو پنهنجي جڳهه کان ٽڙي وڃڻ، حيواني جو سڄڻ، ڪيٽوسس (Ketosis) ۽ ٻيا مرض ٿيڻ جا خدشا وڌي ويندا آهن. انهيءَ طرح خشڪ دور ۾ داخل ٿيڻ واريون فربه ڳابين جي خوراڪ ۾ يڪدم ڪمي نه ڪرڻ گهرجي.

## خشڪ ڳئون جي خوراڪ

کير خشڪ ٿيڻ کان وٺي ڦر پيدا ٿيڻ کان ٽي هفتا پهريان خوراڪ ڏيڻ جا چار بنيادي مقصد هيٺ ڏجن ٿا.

1. غذائي ريشي جي جزن کي برقرار رکڻ.
2. توانائي جي فراهمي 3 ۾ رکڻ.
3. غذا ۾ پروٽين جي فراهمي ۾ گهٽائي کان پاسو ڪرڻ.
4. نمڪيات ۽ پروٽين کي پورو ڪرڻ.

## خشڪ مادي جي فراهمي

کير ڏيڻ جي پهرئين ٻن هفتن جي اندر ڳابين کي خشڪ ماده جي فراهمي ان جي جسماني وزن جي3 سيڪڙو کان گهٽ تي ڪري 1.5 کان 1.8 تائين ڪري پوندي آهي. خشڪ مادي ۾ هن ڪمي جي وجه سان ڳابين کي ڦر ڏيڻ کان 2 کان 3 هفتا پهريان پنهنجي غذائي ضروريات پوري ڪرڻ جي لاءِ سني خوراڪ فراهم ڪئي وڃي.

سائي گاهه جي فراهمي گهٽ ۾گهٽ جسماني وزن جي هڪ سيڪڙو يا خشڪ مادي جي ڪولڻ واري مقدار جو 50 سيڪڙو هجڻ گهرجي. سائي گاهه جي خشڪ دور ۾ معياري ذريعن، خشڪ گاهه، ۽ ڦريدارگاهه آهن.ڦريدارگاهه خشڪ مادي جو 30 کان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي. انهن سائي گاهن جي فراهمي ۾ وڌيڪ وٽامن ڪيلشيم ۽ پوٽاشيم جي مقدار فراهم ٿي ويندي آهي. جنهن جي وجه سان حيواني جي سوڄ، سوتڪ ۽ ڪيٽوسس (Ketosis) جو مسئلو ٿي سگهي ٿو. پروٽين ۽ نمڪيات جي غير توازن جي وجه سان ڪئي توليدي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.

زياده توانائي جي ضرورت پوري ڪرڻ جي لاءِ کير ڏيڻ وارين ڳابين جي شروعات ۾ معياري سائي گاهه جي فراهمي بهترين عمل آهي.

خشڪ دور ۾ خشڪ مادي جي ڪشادي فراهمي جي وجه سان کير ڏيڻ جي شروعات ۾ گهٽي کان گهٽ خشڪ مادي جي فراهمي کي وڌائڻ ۽ کير جي پيداوار کي بهتر بڻائي ٿو.

نمڪيات ۽ وٽامن جي مناسب فراهمي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. پروٽين اي (A) ڊي (D) ۽ اي (E) ڳئون جي خوراڪ ۾ اهم آهن.وٽامن اي (A) ۽ اي (E) جي ڪمي جي وجه سان جير ٻچيداني ۾ رهجي ويندي آهي. وٽامن اي (E) جي ڪمي جي وجه سان بيماري جي خلاف مزاحمت گهٽ ٿي ويندي آهي. ۽ ٿڻن تي سوڄ ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندو آهي. وٽامن اي (A) جي اضافي فراهمي جي ضرورت، ڪارائڻ وارن سائڻ گاهن جو قسم ۽ معيار تي دارومدار آهي. سج کان خشڪ تيل گاهه يا سائي گاهه جي فراهمي جي وجه سان وٽامن اي (A) جي فراهمي جي ضرورت نه آهي.

خشڪ دور جي دوران خوراڪ ۾ نمڪيات جي فراهمي جوبنيادي مقصد ڪيلشيم جي گهٽائي کان بچڻ، ڪيلشيم ۽ فاسفورس جي شرح کي 1:5 کان 1:1.5 جي درميان رکڻو آهي. سوتڪ جي مرض کان بچڻ لاءِ ڪيلشيم ۽ فاسفورس جي مقدار کي قابو ۾ رکڻ ضروري آهي. ان کان علاوه جيڪڏهن خوراڪ ۾پوٽاشيم جي مقدار خشڪ مادي جي 1.5 سيڪڙو وڌي وڃي ته هي ميگنيشيم جي جزن ۽ ڪيلشيم سان متعلق مجموعي ڪيميائي عمل (تبديلي) ۾ رڪاوٽ بڻي سگهجي ٿي. ۽ ان جي نتيجي ۾ سوتڪ يا جير ڦاسي/ رکي وڃڻ جا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. گهٽ مقدار ۾ فراهم ڪرڻ وارن نمڪيات خشڪ دور ۾ جسم جي اندر ڪيميائي عملن سان متعلق مسئلن ۽ بيماري کي روڪڻ جي لاءِ ضروري آهن.

## ڦرجي پيدائش کان پهريان خوراڪ

جيڪڏهن خشڪ دور جي زياده عرصي ۾ داڻا (Grain) خوراڪ ۾ نه ڏنا وڃن پر ڦرجي پيدائش کان 3 کان 6 هفتا پهريان داڻن (Grain) جي خوراڪ ۾ فراهمي معدي جي بيڪٽيريا کي داڻا (Grain) واري خوراڪ هضم ڪرڻ جي قابل بڻائن ٿا. هي خوراڪ ٻچڙي جي پيدائش کان پوءِ ڳئون جي هاضمي جي سرشتي کي زياده توانائي واري خوراڪ کي هضم ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿي. ۽ ان جي خشڪ ماده ڪائڻ جي صلاحيت بهتر ٿيندي.

ان کان سواءِ ان عرصي ۾ (راشن) خوراڪ ۾ڪيرڏيندڙجانورن جي خوراڪ کي به شامل ڪرڻ گهرجي. انهي طرح هيمعديکي خوراڪ جي مطابق ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪندو.ويامڻ کان بعد شروعاتي عرصي ۾ خوراڪ ڪائڻ ۾ ڪمي ۽ بين لاگاپيلمسئلن کي گهٽ ڪندو.

## هاضمي ۾ مسئلا

اهم استحالي مسئلا جن جي وجه سان ڳئون متاثر ٿيندي آهي اها خوراڪ ۽ خوراڪ جي سنبال ۾ مسئلن جو نتيجو هوندو آهي. ان مسئلن ۾ سوتڪ، ڪيٽوسس (Ketosis) فيٽي ليور، جير جو ڦاسي پوڻ، معدو جو پنهجي جاءِ کان سري وڃڻ ۽ حيواني تي ورم اچي وڃڻ شامل آهن. تمام گهٽا استحالي ۽ هاضمي جي سرشتي جا مسئلن جي پاڻ ۾ باهمي تعلق هوندو آهي، مثال طور سوتڪ جو تعلق ويامڻ ۾ رڪاوٽ، ٻچي داني رحر جي سوزش،معدي جو پنهجي جاءِتان سري وڃڻ جيرجوڦاسي پوڻ۽گهٽ بچا ڄڻ سان ٿيندو آهي.

**ياد رکو**

خشڪ دور هڪ ليگ جو خاتمو ۽ ايندڙ ليگ جي شروعات آهي. مناسب خوراڪ ۽ سنبال خشڪ مادي جي زياده فراهمي، سني صحت، سني توليدي صلاحيت ۽ ايندڙ ليگ ۾ کير جي زياده پيداوار لاءِ ضروري آهي.

ILRI
INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE
CGIAR

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونينٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:08**

## خشڪ ڳئون جو علاج – ٿڻن جي سوڄ جي روڪ ٿام

## تعارف

خشڪ دور جي شروع ۾ غدود ۾ ٽوٽ ڦوٽ ۽ حيواني ۾ رهجي ويڄ واري کير ۽ لڪين کير پيدا ڪرڻ وارن جُزن جي جذب ساڻ حيواني تي دباءَ ڪافي وڌي ويندو آهي. ان عرصي جي دوران ۽ ڦرجي پيدائش کان 2 کان3 هفتا پهريان تقريبًا 40 کان 50 سيڪڙو حيواني کي وبائي مرض ٿيڻ جا امڪان هوندا آهن. خشڪ ڳئون جي اعلاج جي تحقيقات سان ظاهر ٿئي ٿو ته ان عرصي ۾ 30 سيڪڙو تائين نئي وبائي مرضن ۾ ڪمي ڪري سگهجي ٿي.

ٿڻن جي سوڄ کير ڏيڻ وارين ڳئن ۾ تمام گهٽي لاڳت جي سبب بڻجڻ واري بيماري آهي ۽ ان کي ختم نه ڪري سگهجي ٿو.اثرائتي بچاءَ جي پروگرام جي ذريعي سوزش حيواني جي مرض ۽ ان سان ٿيڻ واري معاشي نقصان کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو.

سوزش حيوانو (ٿڻن جي غدود) جي بيماري غير معياري صفائي جي حالتن ۾ يا غلط طريقي سان کير ڌهڻ جي وجه سان ٿيندي آهي. هي پالتو جانور ۾ سڀ کان گهٽي ٿيڻ واري بيماري آهي. حيواني جي سوڄ جو سبب بيڪٽيريا هوندا آهن جنهن جي وجه سان ڳئون جو ٿڻ سُڄڻ پوندو آهي. ان جو رنگ ڳاڙهو ٿي پوندو آهي ۽ ٿڻ ۾ سور هوندو آهي. هڪ ٻه ٽي يا چار ٿڻن ۾ بيماري ٿي سگهي ٿي. حيواني جي سوزش جي سڃاڻپ يا علاج مشڪل هوندو آهي پر ان جي روڪ ٿام/بچاءُ آسان آهي. تنهن ڪري ٿڻن جي سوڄ جي علاج جي بدران ان جي روڪ ٿام تي زياده زور ڏيڻ گهرجي.

## ٿڻن جي سوڄ جون نشانيون

☆ ٿڻ گرم،سجيل،سخت ۽ هٿ لڳائڻ سان سور محسوس ٿيندو آهي.

☆ کير پاڻي وانگر چڙهندو ويندو آهي جنهن ۾ ڦٽڪي بڻجي ويندي آهي ۽ کير جو رنگ ڦڪو ٿي ويندو آهي.

☆ هن بيماري کي شديد حالت۾ ٿڻن مان کيررت اچڻ شروع ٿي ويندي آهي.

☆ جيڪڏهن بيماري جو باعث بڻجڻ وارو ڪيڙو سڄي جسم ۾ پکڙجي وڃي ته بخار جي علامت ظاهر ٿيندي آهي.

☆ جيڪڏهن ڳئون جو علاج نه ڪيو وڃي ته ٿڻ سخت ٿي ويندو آهي ۽ کير جي پيداوار ۾ ڪمي آهي ۽ ٿڻ مڪمل طور تي بند به ٿي سگهي ٿو.

## ٿڻن جي سوڄ جا قسم

### ٿڻن جي سوڄ جا ٻه قسم

☆ دائم (ڳجهي حالت) جنهن ۾ ڪا به ظاهري نشاني نظر نه اچي ۽ ان جي سڃاڻپ ليبارٽري ۾ ٽيسٽ سان ئي ڪري سگهجي ٿي.

☆ شديد سوزش حيواني جي علامتن ۾ ٿڻن جي ڳاڙهو ٿيڻ، سُڄڻ ۽ سور محسوس ٿيڻ ۽ کير ۾ تبديلي شامل آهن

## لڪل ٿڻن جي سوڄ

ڳئون جي خشڪ دور ۾ علاج نئي وبائي بيماري ۾ ڪمي جو باعث بڻجي ٿو ۽ لڪل ٿڻن جي سوڄ جي بهترين علاج جو طريقو به آهي.

## گهٽي ٿڻن جي سوڄ

هن مرض ۾ علامتون ظاهر ٿيندي آهن جلد علاج ڪرڻ ضروري آهي. خشڪ ڳئون جي علاج جي بدولت هيٺ ڏنل فائدا ٿي سگهن ٿا..

☆ هن مرض ۾ صحتيابي جي رفتار، بيانت ۾ علاج جي نسبت تيز ٿيندي آهي.

☆ ڪنهن خطري جي بغير جراثيم ڪش دوا جي زياده مقدار استعمال ڪري سگهجي ٿي.

☆ ٿڻن ۾ جراثيم ڪش دوا جي رهڻ جو عرصو گهٽو هوندو آهي

☆ دوا جي ذرن جي وجه سان کير خراب ٿيڻ جا خدشا گهٽ ٿيندا آهن

حيواني جي سوزش جو سبب (Streptococcus Agalactiae)اسٽريپٽوڪوڪس اگليلڪٽي بڻجڻ وارو واحد ڪيڙو آهي جنهن جي بيانت جي دوران جلد علاج ڪري سگهجي ٿو.

## ٿڻن جي سوڄ جي جائزي لاءِ ٽيسٽ

ٿڻن جي سوڄ جي جائزي جي کير جون پهريان ڪجهه ڌارون پيالي ۾ (جيڪو پيالو هيٺ ڏنل تصوير ۾ ڏيکاريو ويو آهي) يا ڪنهن نرم ڪاري متاڃري تي وٺو (ٻالٽي جو ڍڪڻ). غور سان کير جي رنگ ۾ ڪا تبديلي، يا کير جي چڊاڻ ڏسو. سطح يا پيالي کي صاف ڪريو ۽ ٻئي ٿڻ مان کير ڪڍي چيڪ ڪريو .




توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

World Bank Assisted
WORLD BANK

## ڳئون جو کير خشڪ ڪرڻ ۽ شروعاتي خشڪ دور

ڳابين کي خشڪ ڪرڻ جي لاءِ مقيد (ونڊه) خوراڪ ۾ ڪمي ۽ اچانڪ کير ڌهڻ بند ڪري ڏيڻ سفارش ٿيل طريقو آهي. گھٽي کير ڏيڻ وارين ڳابين ۾ کير خشڪ ڪرڻ کان 2 هفتا پهريان مفيد (ونڊه) خوراڪ جي فراهمي گھٽ ڪرڻ گھرجي ته جيئن کير جي پيدوار گھٽ ٿي وڃي. ڳابين کي خشڪ ٿيڻ جي ٻن هفتن تائين غور سان مشاهدو ڪرڻ گھرجي ته جيئين حيواني ۾ سوج يا سوجن جي نه هجڻ کي يقيني بڻائي سگھجي. حيواني جي سجيل ٿڻن جو سجڻ معائني جي لاءِ ڪرڻ گھرجي.

اهڙا جانور جنهن ۾ بيماري جون واضع علامتون نظر اچن ان جو علاج ڪرڻ گھرجي. تنهنڪري جراثيم ڪش دوا ٿڻن ۾ بيهر وجهڻ جي سفارش نه ڪئي ويندي آهي. اهڙن جانور کي گوشت يا رڳ ۾ جراثيم ڪش يا سجڻ کان بچاءَ واري دوا جو ٽڪو لڳائڻ گھرجي. ان سلسلي ۾ پالتو جانورن جي ڊاڪٽرن سان مشورو ڪرڻ گھرجي ان جي ٻڌايل طريقي سان علاج ڪرڻ گھرجي.

## ٿڻن ۾ جراثيم ڪش دوائن وجهڻ جو طريقو

خشڪ ڳئون جي علاج جي پروگرام ۾ درست طريقي سان ٿڻن ۾ دوا وجهڻ نهايت اهميت جي حامل آهي. جراثيم ڪش دوا ٿڻن ۾ وجهن کان پهريان ٿڻن جي صفائي ۽ جراثيم کان پاڪ ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن مناسب تياري کان بغير ٿڻن ۾ دوا وجهي وڃي ته ٿڻ جي سري تي موجود جراثيم جو حيواني ۾ داخل ٿيڻ جو خدشو ٿيندو آهي. ۽ ان جي نتيجي ۾ بيماري جنهن جو علاج تي رهيو آهي جي نسبت زياده شديد بيماري ٿي سگھي ٿي. ٿڻن ۾ دوا وجهڻ وقت هيٺ ڏنل ڳالهين جي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

(1) ٿڻن کي هڪ دفعي استعمال ٿيڻ واري ٽاول يا ڪپڙي سان صاف ۽ خشڪ ڪريو.

(2) ٿڻن کي موثر دوا ۾ ٻوڙيو. ٿڻ کي هڪ دفعي استعمال ٿيڻ واري ٽاول يا ڪپڙي سان صاف ڪرڻ کان پهريان 30 سيڪنڊ جي لاءِ ٻوڙيو.

(3) 70 سيڪڙو الڪوحل محلول ۾ ٻوڙيل ڪپهه سان ٿڻن کي رڳڙي صاف ڪريو ۽ جراثيم کان بچايو. هر ٿڻ جي لاءِ الڳ سان ڪپهه استعمال ڪريو. پهريون حيواني جي دوران ٿڻن کي ۽ بعد ۾ قريبي ٿڻن کي تيارڪريو.

(4) علاج ڪرڻ وقت ابتو طريقو استعمال ڪريو يعني پهريان قريبي ٿڻن کي ۽ پوءِ پري وارن ٿڻن ۾ دوا وجهو.

(5) ڪينولا جي سري کي ٿڻن جي اندر وجهو. دوا ٿڻن ۾ وجهڻ کان پهريان جراثيم کان پاڪ ڪينولا کي ڪنهن شيءِ سان نه ٽڪرائيچي.

(6) ٿڻن ۾ دوا وجهڻ کان پوءِ موثر جراثيم ڪش دوا ۾ ٿڻن کي ٻوڙڻ گھرجي.

(7) اهڙيون ڳابيون جنهن جو علاج تي چڪو هجي کي سڃاڻپ کان پوءِ ريوڙ کان ڪدي ڪري الڳ ڪرڻ گھرجي ته جيئن کير جي فراهمي ۾ جراثيم ڪش دوا کي شامل ٿيڻ کان روڪي سگھجي. .

## ٿڻن کي جراثيم ڪش ٽانو ۾ ٻوڙڻ

نئي ٿڻن جي سوج کان بچڻ لاءِ ٿڻن کي جراثيم ڪش ٽانو ۾ ٻوڙڻ سڀ کان اهم مرحلو آهي. ٿڻ کي جراثيم ڪش ٽانو ۾ سان بيانت (لڳ) جي دوران هڪ سال ۾ تقريباً 50 سيڪڙو تائين بچاءُ ممڪن آهي. جيڪڏهن ٿڻن کي ٻوڙڻ جو عمل روڪي ڇڏجي ته بيماري تيزي سان ٿيڻ جو خدشو وڌي ويندو آهي.

## صفائي

خشڪ دور جي شروعاتي ۽ اختتامي حصي ۾ نئي حيواني جي سوزش جو خدشو تمام گھڻو هوندو آهي. ان عرصي جي دوران حيواني مان کير نه ڌهڻ جي وجه کان ٿڻن جي نالي ۾ هينين حصي ۾ موجود جراثيم ٻاهر نڪري نه تا سگھن جنهن جي وجه سان ٿڻن جي بيماري ٿي سگھي ٿي. ٿڻ جي سري ۾ موجود بيڪٽيريا جي تعداد تي گھڻين نئين بيمارين جو انحصار آهي. تنهنڪري شيڊ ۽ ڦر جي پيدائش واري جڳهه کي صاف ۽ خشڪ هجڻ گھرجي. چرائي جي لاءِ ٻاهر وڃڻ وارن جانورن کي تلائن يا ڳپ واري علائقن ۾ نه وڃڻ گھرجي. خشڪ عرصي جي ابتدا ۾ علاج نئي بيماري کي روڪڻ ۾ فائدي مند ثابت هوندو آهي. پر آخري 3 هفتا دوا غير موثر ٿيڻ جي وجه سان بيماري جا امڪان وڌي ويندا آهن. ناسازگار موسمي حالتن ۾ فرش تي ٽپڙي/ رلي وڇائڻ جي سفارش ڪجي ٿي.

ٿڻن جي سوج جي موثر بچاءَ جي پروگرام ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي.

☆ کير ڌهڻ وقت حيوانه صاف ۽ خشڪ هجي.

☆ کير ڌهڻ کان فوري بعد ٿڻن کي محفوظ ۽ موثر دوا مثال طور سرڪ (ايسيٽڪ ايسڊ) ۾ ٻوڙڻ گھرجي.

★ کير ڌهڻ جي دوران حيواني جي صفائي جو خيال رکو.

★ شديد سوزش حيواني جو فوري علاج ڪرڻ.

★ سوزش حيواني جي دائمي بيماري ۾ مبتلا جانور کي فارم مان ڪڍڻ.

★ شديد سوزش حيوانه ۽ سوميٽڪ سيلز (Somatic Cells) جي ڳڻپ جو درست رڪارڊ رکڻ ضروري آهي ته جيئن انفرادي ڳئون جي متعلق سنيال /انتظام ڪرڻ ۾ مدد وني سگھجي.



ILRI INTERNATIONAL LIVESTOCK RESEARCH INSTITUTE

CGIAR

# سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو لائيواسٽاڪ ڪمپونيٽ

**SAGP-Livestock: Fact Sheet no:9**

## حامله ڳئون جي سنڀال

توسيعي مواد کير ڏيڻ وارن جانورن لاءِ

## تعارف

جيڪڏهن بيانات (لڳ) جي ڪنهن به مرحلي تي اسان کي جانور گهٽي ٿلهي يا سنهي ٿيڻ جي خبرنه لڳي ته ان جي قيمت بيماري جي علاج، گهٽ کير ۽ گهٽ بارآوري جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پوندي آهي.

## جسماني حالت

جانورن جي جسم ۾ذخيروٿيل سٽپ/چربي ان جي جسماني حالت کي ظاهر ڪري ٿي. ڳئون ان ذخيروٿيل سٽپ کي ان وقت استعمال ڪندي آهي جڏهن توانائي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ زياده خوراڪ نه کائي سگهي. زياده کير ڏيڻ وارين گابين ۾ اهو بيانت جي شروعات ۾ ٿيندو آهي پر اهو ان وقت به ٿي سگهي ٿو جڏهن ڳئون بيمار ٿي وڃي انهيءَ کي غير معياري خوراڪ فراهم ڪئي وڃي يا محدود خوراڪ فراهم ڪئي وڃي. وزن جي ڪمي جي دور کان پوءِ گابين کي ان جي ضرورت کان وڌيڪ خوراڪ ڏيڻ گهرجي ته جيئين هوءَ پنهنجي جسماني حالت کي برقرار رکي سگهي.

## جسماني حالت جي ڳڻپ

کير جي پيداواري صلاحيت کي گهٽي کان گهٽو ڪرڻ ۽ توليدي مسئلن کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ سنڀال ۽ خوراڪ جي نظام کي ترتيب ڏيڻ لاءِ جسماني حالت جي ڳڻپ جو طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. گابين جي جسماني حالت جو شمار ڏسڻ سان ۽ چيلهه جي هڏي ۽ ڪلهي جي حصي تي هٿ گهمائي ڪري سگهجي ٿو ڪلهي جي هڏي، چيلهه جي هڏين جي مٿين حصي، ۽ ننڍين پاسيرن جي سرن تي گوشت هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا تهه ڏني وڃي يا محسوس ٿئي ته خل ۽ چربي جو ميلاپ ٿيندو آهي. چهي ڪري جسماني حالت جو اندازو لڳائڻ ڪافي آسان آهي. ڪلهي ۽ چيلهه جي هڏي کي آڱرين جي ڪنارن سان دٻايو. ڳئون جي چيلهه تي جتان ننڍيون پاسراٽيون نڪرن ٿيون کي اهڙي طرح پڪڙيو جيئن توهان جو آڱريون چيلهه تي هجن ۽ آڱوٺو ننڍين پاسراٽين جي ويجهو ليٽيل هجي. آڱرين جي سرن جي دٻاءُ چربي جي مقدار ۽ تهه جي باري ۾ سٺي نشاندهي به ڪندو.




چيلهه جي هڏي ۽ ننڍين پاسيرن جي سرن تي صرف چربي ۽ خل جي تهه هوندي آهي جسماني حالت جي تعين ۾ ان جاين/حصن کي بهترين جڳهه ثابت ڪري ٿي.

جسماني حالت جي ڳڻپ ريوڙ کي گاهه ڏيڻ واري شخص کي ئي ڪرڻ گهرجي. بيانت (لڳ) جي هر مرحلي ۾ چربي جي ذخيري ۾ ٿيڻ واري تبديلي جو درست اندازو ڪرڻ لاءِ گابين جي جسماني حالت جو اندازو باقاعدي سان ڪرڻ گهرجي. تمام گابين لاءِ بهتر هي آهي ته ان جي جسماني حالت جو شمار خشڪ دور جي شروعات ۽ اختتام تي بيانت (لڳ) جي دوران 4 کان 5 دفعه ڪيو وڃي.

جسماني حالت جو ڳڻپ 1 سان شروع ٿيندي آهي جنهن جو مطلب سنهي ڳئون چربي جي بغير ڳئون سان 5 تائين ويندي آهي. جنهن جو مطلب تمام ٿلهي ڳئون آهي. خشڪ دور ۾ ڦر جي پيدائش جي وقت جسماني حالت جي ڳڻپ 3.0 کان 4.0 ٿيڻ بهترين آهي. ۽ بيانت جي عروج تي 2.5 کان 3.5 ٿيڻ گهرجي. بيانت (لڳ) جي دوران گابين جي جسماني حالت جي ڳڻپ هڪ درجي کان گهٽي تبديلي نه ڪرڻ گهرجي .




جسماني حالت جي ڳڻپ ڪرڻ جي مهارت هجي ته هڪ ڳئون جي جسماني حالت جو شمار ۱۰-۱۵ سيڪنڊ ۾ ڪري سگهجي ٿو ۽ انمول ڄاڻ ملي ٿي. جيڪڏهن پنهنجي ريوڙ جي جانورن جو باقاعدي سان جسماني حالت جو شمار ڪجي ته خوراڪ ۽ سنڀال جي پروگرام جي نتيجن جي نگراني ڪري سگهجي ٿي.


WORLD BANK

| جسماني حالت جو شمار | جسماني حالت | تفصيل | انداز |
|---|---|---|---|
| 1 | ڪمزور | پڇ جي متين واري حصي تي اونهي کڏ ۽ کل جي هيٺان چربي نہ هوندي آهي. کل لچڪدار پر خردري هوندي آهي. چيلھ جا مهرا واضع ۽ متوازي سرا تيز ٿي ويندا آهن. |  |
| 2 | وچولو | پڇ جي متين واري حصي تي اونهي کڏ هوندي آهي پن هڏيون (Pin Bons) واضع هونديون آهن کل جي هيٺان چربي جي هلڪي تهہ هوندي آهي. کل لچڪدار هوندي آهي. |  |
| 3 | سٺو | پڇ جي متين واري حصي تي کل جي هيٺان چربي جي تهہ هوندي آهي. کل نرم هوندي آهي. ڪوهلي جي هڏي محسوس ٿي سگهي ٿي. چيلھ تي دٻاءُ وجهڻ سان متوازي سرن جو آخري حصو محسوس ڪري سگهجي ٿو. چيلھ ۾ معمولي خال نظر ايندو آهي. |  |
| 4 | ٿلهو | پڇ جو متيون حصو چربي سان پوري طرح پرجي ويندو آهي ۽ چربي جون تهون واضع محسوس ٿينديون آهن. چيلھ تي سرا محسوس نہ ٿا ٿين ۽ مڪمل گول نظر ايندا آهن. |  |
| 5 | تمام ٿلهو | پڇ جو متيون حصو چربي سان پرجي ويندو آهي ۽ ڪلهي جي هڏي دٻاءُ وجهڻ تي محسوس نہ ٿيندي آهي. چيلھ، ڪلهي جي هڏي ۽ ننڍيون پاسراٽيون نظر نہ اينديون آهن. |  |

☆ ڪير کي صاف ۽ ٿڌي جاءِ تي رکو.

ڪير کي ڇانو جي هيٺان ڪنهن صاف جاءِ تي رکو



ڪير جي دٻي کي ٿڌي پاڻي ۾ رکو، بهتر آهي ته وهندڙ پاڻي ۾ رکو



ڪير جي دٻي کي آلي ڪپڙي ۾ ڍڪي رکو



☆ ڪير ڏهڻ کان پوءِ ٿڻن کي جراثيم ڪش ٿانو ۾ ٻوڙڻ گهرجي. سرڪي جو هلڪو ٿانو سنو متبادل آهي.




☆ ڪير ڏهڻ جي دوران ڪير ڏهڻ واري کي هيٺ ڏنل شيون نه ڪرڻ گهرجن.

١- نهن وڌا رکڻ
٢- ڇيڪڻ
٣- ٿڪڻ
٤- کنگهڻ
٥- سگريٽ پيئڻ

☆ ڪير ڏهڻ کان پوءِ جاري يا ڪپڙي سان ڇاڻيو ته جيئن ان دوران ڪرڻ وارا پڪا جزا ڪڍي سگهجن.



☆ ڪير کي گندگي کان بچائڻ لاءِ ڍڪي رکو.

